

ٻارائيون ڪويتائون

ٻال گلشن

ڊاڪٽر روشن گولاڻي

ٻال گُلشن

(ٻال ڪويتائون)



ڊاڪٽر روشن گولاڙي

ھاڳ

سنڌي ساهت ۾ ماناڻ جي دؤر ۾ نئين سر نوجوانن ۽ جوانڙين جي
/اِنٽري وڏي اَهميت رکي ٿي. 2007 ڌاري اِئين پئي ڇيو ويو تہ سنڌي
۾ جوان ليکڪن ۽ شاعرن جي اڻاٺ آهي، مگر هن وقت، 2017 جي
ِمارک کي ريتي، اِئين چئي سگهجي ٿو تہ هاڻي تڪڙو تڪڙو کيترا
نوان ليک ۽ ليکڪائون اُسري اڀري آيا آهن، جا هڪ خوشيءَ جي
ہ آهي. اِن ڏِس ۾ ادبي بيٺڪن، ڪِن نامور ۽ برک ليکڪن ۽ آزمودگار
اُستادن جي، جيسين ساهت ۽ ڪلا ۾ اُتساهہ ڏيندڙ پرڪريا جاري
ڏي، تيسين سنڌي ساهت جا گهڙا يرجڻ جو سلسلو پڻ چالو رهندو،
چوڻ غلط نہ ٿيندو. ادب ۾ ڪهاڻي، ڪوتا، ناٽڪ ۾ ادبي ميڙ هلندڙ
، جتي جهونا خواه نوان ڪوي، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار توڙي ناٽڪ
اچي وڃن ٿا.

تي جاڳايل ساهتيڪ سرگرمين جو فائدو وٺي يا آزمودگار اديبن جي
سان کيترا ئي ساهتيڪ ڇهرا پنهنجو تيجسوي تيج ڏيکارڻ ۾ ڪامياب
هن، جن ۾ ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جو نالو سڀ ڪان اول اچي ٿو. هن
جي زنجيري ڪڙيءَ طور ٻيا ليکڪ ۽ شاعر آهن : منوج چاولا، نريش
'معصوم'، هينا اگناڻي، مونيڪا پنجواڻي، روشني روهڙا، راجيش
ٻيا. (هتي صرف احمدآباد ڏانهن اِشارو آهي). هتي منهنجي هٿ
ڪٽر روشن گولاڻيءَ جي قلم مان نڪتل هڪ ٻال ڪوتا سنگره آهي،
آهي: ''ٻال گلشن''، جو باتصوير ٻال شعرن جو مجموعو آهي. هر
جي مٿان تصوير هجڻ، ٻارن لاءِ پڙهڻ جو شوق جاڳائڻ جو ذريعو
ٿو. ٽائيٽل ڪوَر بہ نهايت آڪرشڪ ۽ موهڪ آهي. ٻارن جي هٿ ۾
ئي، اُن کي پڙهڻ لاءِ جگياسا جاڳندي. گهڻو اُپٽار ۾ نہ وڃي، مان
ٻال-گلشن'' جي ڪوتائن تي اچان ٿو. ڪل 70 ڪويتائون آهن. هيءَ
ن جو ٻال- گلشن آهي. رچيتا جي ڪويتائن جا مفهوم ۽ عنوان هن

بال گُلشن

(بال ڪويتائون)

ليکڪ : **ڊاڪٽر روشن گولاڻي**
سال : 2017 ڇاپو : پهريون ڪاپيون : 500
قيمت : 150 رپيا
پبلشر : **ڊاڪٽر روشن گولاڻي**
پتو : 1، آدتيه بنگلوز، پريم پرڪاش آشرم پرسان،
نوبل نگر، پوسٽ : ڪبير نگر، احمدآباد-382340.
ڪوَر ڊزائين : **ياسر منگي** (سنڌ)
ٽائيٽ سيٽنگ : **مهيش لالچنداڻي**
ڇپيندڙ : **اِسڪين ڪمپيوٽر،**
پاٽيا، نروڙا روڊ، احمدآباد382340.
موبائيل : 9327007002

BAL GULSHAN

(Children's Poem)

Writer : ***Dr. Roshan Golani***
Year : 2017 Edition : Fisrt Price : Rs. .150
Publisher : ***Dr. Roshan Golani***
Add. : 1, Aditaya Bunglows, Nr. Prem Prakash Ashram, Noblenagar, P.O. Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Contact : (M) 9328784544 E-mail: roshangolani1@yahoo.com
Title Disgen : **Yasir Mangi (Sindh)**
Type Setting : **Mahesh Lalchandani**
Printed by : **Scan Computers** Patia, Naroda Road, Ahmedabad-382340.
(M) : 9327007002

PUBLISHED WITH FINANCIAL ASSISTANCE OF
NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION OF SINDHI LANGUAGE
(NCPSL)

...، سنا سنسڪار، انگريزي فئشن، سَنگَ، ننڍڙو سانورو، اَسرُ ويلا، منوءَ
خيال، جيئڻ لاءِ، فروٽ، مامو، ڪوڙُ، باغيچو، سهٽيون ڳالهيون، صلاح
چو، ٻار جي وندر، رانديون، وئڪيشن، پري يچو، ڦرين ڪريون، ننڍڙ
، سنگيت سکون، جَسُ وٺون، ياچيون، مزو اچي، ڦريدار، يَنِ يَنِ ميوا،
ني، پسند الڳ-الڳ، ساز ۽ ٻيا ڪيترائي ٻال شعر، جن تي سرسري نظر
هڻ سان خبر پوندي ته ڪو دنيا سان لڳندڙ معاملو ناهي جو هن ڪوتا
نرهه ۾ نه هجي.

اچو ته هن دوست، هن گلشن جي جدا جدا گلن جي خوشبوءِ وٺون.

ڪوئو ۽ ٻلي هڪ ٻئي جا دشمن هوندا آهن، پر اُنهن جي پاڻ ۾ دوستي
ڏي، ماڊرن يگ جي تقاضا آهي شايد.

ڪوئي، ٻليءَ سان ڪئي دوستي،
خُوب ڪندا ها، هوُ پاڻ ۾ مستي!
سير باغ جو روز ڪندا ها،
چوريءَ گُل، هوُ پٽيندا ها.

پوءِ ٻرن، گهرن ۾ وڃي،
خوشبو ڦولن جي هوُ وٺن،
پنهنجن ساٿين کي تڏهن وٽن.

ي ڪويتا نواڻ سان ڀريل آهي ”منوءَ جا خيال“. منوءَ ناٺي هڪ ڇوڪر
ر جا ٿو سوچي سو ڏسو :

منوءَ جي من ۾ خيال اچن ٿا،
”يوُن يوُن“ پنئڙا جا لئه ڪن ٿا؟
جل سين هنڌن، صاف آ سآهيو،
گنگا ۾ ئي چو سَنان ڪن ٿا.

ڏڙي منوءَ جا اَهڙا اوچا، فهميندا سوال سندس دماغي قوّت کي اِظهارين

ڪلهه ”پُٽ ۽ ڌيءُ“ کي سمان درشٽيءَ سان ڏسڻ جو نظريو اپنايو
آهي. ان کي ڌيان ۾ رکي ”روشن“ ڌيُ جي اَهميت کي روشن ڪيو

ڪان اڳ ڪن ٻين جي ڪوتا-سنگرهن ۾ نہ هجن. اهڙي ڪوشش
آهي. اِن لاءِ هن جوان ليکڪ ۽ شاعر سچ پچ داد لهڻو. سندس ٻال-ڪو
۾ اوليت ۾ ٻہ ڪوتائون آهن (1) ’’هِٽُ‘‘ ۽ (2) ’’ڪِٽ پِٽ‘‘ جيڪي اِنس
سياوَ ۾ ائين ٻڌل آهن، جيئن سمنڊ ۾ مڇيون ۽ پلا.

ٻارن ڏانهن مخاطب ٿي، رچيل ڪويتا جا ٻہ بند هيٺ ڏيان ٿو :

ٻارو هٽ جي آ، ڳالهہ ٻُري،
ڳالهہ سچي، مون اِها آهہ ڪئي.
راجا جو هَٽُ، پهريون هَٽُ آ،
ٻارَ جو نمبر ٻيون هَٽُ آ.

هتي ڪويءَ، هَٽَ جي نتيجن ڏانهن اِشارو ڪندي صاف چيو آهي
دنيا ۾ ٻہ هٽ مشهور آهن، جي آهن : ٻال-هٽ ۽ راجا هٽ. ڏيان ط
آهي تہ شري رامايڻ ۾ رام جي ٻالپڻ واري هٽ جو ذڪر اچي ٿو، جن
سندس ماءُ، ڪوشليا کي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو هو. اُهو هٽ هو تہ مونکي چ
اُپ مان لاهي هٿ ۾ ڏي.

متئين شعر جي پهرين سٽ : ’ٻارو هٽ جي آ ڳالهہ ٻُري‘ وري دهرائ
پوي ٿي. جيڪڏهن ماتا ڪوشليا سياڻپ کان ڪم نہ وٺي ها تہ مشڪ
ٿئي ها. ڪوشليا جهٽ پٽ آرسي کڻي آئي ۽ اُن ۾ چنڊ جو عڪس ڏيکار
چيو : هان، وٺ هي چنڊ، ٻچڙا. اِن طرح جي ٻي ڪوتا آهي : ڪِٽ پِ
وڏن جي ڪِٽ پِٽ کان ننڍن جي ڪِٽ پِٽ وڌيڪ ڪَٽ ڪَٽ ڪندڙ هوند
آهي اِنڪري ئي شايد ٻارن جي مخاطب ٿي ڪويءَ لکيو:

ڪِٽ پِٽ ٻارو ڪين وڻي ٿي،
اُن مان، ماءُ تہ رنج ٿئي ٿي.

ٻار جو ماءُ سان وڌيڪ لڳاءُ هوندو آهي، بنسبت پيءُ جي، تنهن ڪر
ماءُ کي رنج پهچي، اِهو سياويڪ آهي. ٻين ڪن ٻال-ڪويتائن جو ذڪر
فڪر ڪرڻ کان اڳ مان ٻڌا. روشن گولاڻيءَ جي ڪوتائن جا عنوان چڱ
وجان ٿو، جن مان جاڻ پوي تہ آخر مال، رومال ۾ ڪهڙو ويڙهيل آهي
ڪوئي ٻليءَ جي راند، گيت، سياش چندر بوس، سرڪار، رات ۽ ڏينهن، ٻ
چانهہ پيئي ٿي، رام ۽ ڪرشن، ديپُ، رام راڄ، خوب وڻن ٿا، ڪلاس ۾، ا

ڪوڙ وڏا جي، ڳالهائي سَچُ پَچُ،
ٻارَ ته 'روشن!' چئي ڏين ٿا.

ٻي هڪ ڪوتا ۾ اسان ڏي آسائتي نگاهن سان نهاري رهي آهي : "جسُ
و...."

وگيان يُگ آهي ڪئي ترقي،
ننڍيءَ وڏيءَ ماتا جي ٿي ڇُٽي.
گهر ۾ هاڻي ڪِٿ لولا پچن؟
ٺارڻ ماتا، ڪين چنڊا هٽن.

اڄ اَهڙين بيمارين کي ماتا جي ڏين سمجهي، ڪوبه ڊاڪٽري علاج نه
ريو، ديوي ماتا کي ريجهائڻ لاءِ يتن ڪيا ويندا هئا، پر هاڻي، اُن کي
ماري سمجهي هڪدم علاج ڪرائبو آهي.

ٻي، نواڻ ۾ مبلوس ٻال-ڪويتا آهي : "ليڊر". ليڊر ڪنهن ديش جو
ندو آهي، پر ڪرڪيٽ ۾ فيلڊ جي ميدان تي فيلڊر هوندو آهي :

ڪرڪيٽ ۾ ٿيندا فيلڊر آهن،
سرڪار ۾ ٿيندا ليڊر آهن.

مان نٿو سمجهان ته اَهڙا مفهوم اڄ ڪنهن ٻال ڪويءَ پنهنجين
يتائن ۾ بيان هيٺ آندا هجن.

"پسند اڳه-اڳه" ڪويتا ۾ ٻارن جي، گهرو شين ۾ وڻندڙ چيزن کي
ر هيٺ آندو آهي :

ٻارڙن کي وڻن ٿا ٿول مٺا،
پر، وڏيڪ وڻن ٿا ٻير ڪٽا!

ه ائين چئبو ته پرائمري اِسڪولن ۾ ٻارن کي ملندڙ چيزن يا، ٻين هنڌ
مجندڙ شين ۾ جيڪڏهن ٻير ملن ته ٻيو ڇا کپي؟ يا ڦاروان اُنهن کي
رو وڻندا آهن، تنهن ٻاري ۾ :

ڦاروان ٻه ڪائن ڪٽا مٺا،
ڪَنِ کي پسند انگور ڪٽا.
ڪِميا ٿي ڪائي ڪيروليون،
پوءِ ته پچي ٿي پروليون.

آهي. ڪن وطن پرستن ۽ ديش-نيتائن تي پڻ ڪويتائون رچيل آهن، جن ۾ سڀاش چندر بوس بہ هڪ آهي. جنهن انگريزن جي غلاميءَ کان وطن هندستان کي آزاد ڪرڻ لاءِ آزاد هند فوج ناهي، جپان ۽ سينگاپور وچي، اُتان، خلافت جو آغاز ڪيو، مثال طور :

آزاد هند فوج جو باني،
سڀاش چندر بوس جو نہ ڪو ثاني.
آزاديءَ جو پروانو هو،
اِن لئہ ئي هن ساهہ ڏنو هو.

اُن کان سواءِ ''رام راڄ'' جي ساراهہ ۾ چار چنڊ لڳائي، ٻارن کي ڏا روشن گولاٽي ٻڌائڻ ٿو چاهي تہ شري رامايڻ مهاگرنٿ ۾ بيان هيٺ ''رام راڄ'' سچ پچ آدرشي راڄ هو، جنهن جي عمل ڪرڻ جي ڪوشش اڄ جي لوڪشاهي آهي، جيڪا هند-سنڌ ۽ ٻين ملڪن ۾ آهي.

رام ۽ لڇمڻ سان سيتا،
خاص ڏياريءَ تي ٿئي پوڄا.
جڏهن گهمڻ اُهي وڃن ٿا،
هنومان ڪلهن تي اُڏن ٿا.
گهرجن پُٽ ٿا آگياڪاري،
سنڌيش اِهو ڏئي ڏِيارِي.

مذڪور مصرائن ۾ ڏياريءَ جي مهما جي ثنا آهي پر راجا رامچندر جهڙي آگياڪاري پُٽ جي، هن دؤر ۾ ضرورت آهي، جيڪي پيءُ جي ڏنل وچن جي پالنا لاءِ بنواس بہ وڃڻ لاءِ تيار ٿين.

''سنا سنسڪار'' نالي ڪويتا اَڄ جي ماڊرن يُگ ۾ انگريزي فئشن ڪري دور دور پهچندا نظر اچن ٿا، شايد اِنڪري شاعر ٻارن جو ڌيان اوڏانهن ڇڪايو آهي :

ٻار سکڻ جو ڏانءُ رکن ٿا،
جيئن سيکاريون سکي وڃن ٿا.
ڪوڙ کان، پچن ٻارَ پري ٿا،
مَن جا سچا، سي سدا رهن ٿا.

ـنجي طرفان

ـسڪولي، ڪاليجي جيون کان وٺي منهنجي ڪتابن پڙهڻ جي چاهه
ـڪڙيو. مون هر قسم جا ڪتاب پڙهيا پر وڌيڪ چاهه شاعريءَ جي
ـن ۽ اُن ۾ به خاص ٻارن جون ڪوتائون پڙهڻ، هيئن سان هنڊائڻ ۽
ـلاءِ آماده ڪيو. اُنهن ڏينهن ۾ ٻارن جا لوڪ گيت جيڪي اِسڪول جي
ـين درجن ۾ پڙهيا هئم ذهن ۾ گهر ڪري چڪا هئا اُهي اَڄ به برزبان
ـهن. جن ۾ ”پئسو لڌم پٽ تان“، ”واهه ڙي تارا گول تارا“، ”جو
ـيئي سو وير ٿئي“، ”اچو ته ڳايون چئن مندن جو راڳ“، ”سو ڊينبو،
ـينبو واٽڙي ڦٽو“ وغيره اڄ به ياد آهن ۽ جڏهن گنگنائيندو آهيان
ـب سڪون حاصل ڪندو آهيان. ٻال گيت، پرارٿنائن، ٻال لوڪ شاعريءَ
ـي ٻال گيت لکڻ جي پريرڻا ڏنياني اُن ۾ به گوردن پارتيءَ جي ٻال
ـ جي مجموعي ”لاٽيون“ وڌيڪ اثر انداز ڪيو، مون گجرات سنڌي
ـه اڪادميءَ پاران ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ رٿيل
ـ ادبي سيمينار ۽ ورڪشاپن ۾ شرڪت ڪئي. شري ڀڳوان نردوش،
ـبات ڀڳوانداس دؤلتاڻي ”هوش“ مونکي علم عروض، چند وديا سيکارڻ
ـصحبت ڏني ۽ مون ٻال گيت لکڻ شروع ڪيا جيڪي پارت ڀر جي
ـن، رسالن، اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ڪن اخبار خُوش ٿي
ـا ٻال ڪالم به نيمائتا شروع ڪيا جن ۾ نون اديبن سان گڏ اِسڪولي
ـتي شاگردن جي رچنائن کي پڻ اڳرائي ملي.

ـنجا هن مهل تائين ٻال ڪوتائن جا چار مجموعا ”رنگ برنگي گل“،
ـب منڙي لاٽ“، ”روشن تارا“ ۽ ”روشن ٻاراڻا ٻول“ شايع ٿي چڪا
ـمون وڏن لاءِ پڻ ڪوتائون ۽ نثر جوڙيو آهي. اِسڪولي ٻارن سان
ـون ڪندي، اُنهن سان ڳالهه ٻولهه جاري رکندي مونکي اُنهن جي
ـن، اِڇائن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي پئي رهي آهي جنهن ڪري مونکي
ـوان وشيه ملندا رهيا آهن.

''ڪيروليون'' ۽ ''پروليون'' قافيا، 'روشن' جي دماغ ۾ ڪيئن آيا، سـ
سچ پچ سوچڻ جهڙي بابت آهي.
''ساز'' ڪوينا ۾ مختلف سازن جي ڄاڻ ڏيئي ڊا. روشن گولاڻي 'ٻُتچ'
جو ڪم ڪيو آهي :

بنسريءَ ۾ ڪا تين سوراخ،
واتَ، آڱر سان تين آواز.
بينَ به وات تي رکي هلايون،
ڦوڪي هوا، سُر ڪڍندا آهيون.
هارمونيم جا تين ست سُرَ،
سنگيت جي ڄاڻ ڏين سڀ سُرَ.

اَڻ ڇهيل موضوع کڻي، ٻارن جون ڪوينائون رچي، ٻارن کي وندرائڻ،
سوجهه ٻوجهه ڏيڻ ۽ سنسڪاري بڻائڻ توڙي ڪوينا -کلا ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ
جي روشن گولاڻيءَ جي هيءَ پيشڪش ادبي حلقن ۾ هاڪ جو اڌڪاري
بڻبي، اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي. آخر ۾ هن شاعر جي هن شعر سان ئي هن
مهاڳي مواد جي آخريت ڪريان ٿو، جنهن ۾ ٻارن جو ''اَٽل اِرادو'' ظاهر
ٿئي ٿو، سو به ٻار جي زباني :

دل ۾ رکيو آ مون ته اٽل اِرادو،
اوچو پد پائڻ جو، پاڻ سان واعدو،
سوچ سدائين مان صاف ئي رکندس،
امان بُڌ، مان آفيسر ٿيندس.

سولي ۽ سرل، سياويڪ ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ڪوينائون اچڻ ڪري ۽ چوڻ،
گنگنائڻ توڙي ڳائڻ ۾، نه صرف ٻارن کي، پر وڏن کي به آنند ڏينديون،
اَهڙي اُميد آهي ۽ بس.

- ڀڳوان 'نردوش'
B-703, Sangath, Pylon, Koteshwar Road,
Motera, Ahmedabad-380005.

هٺُ



ٻارو! هٺ جي آ، ڳالهہ ڳري،
ڳالهہ سچي مون اِها ڪئي!

هٺُ ڪيڪئيءَ جو مشهور ٿيو،
جنهن، رام کي هو بنواس ڏنو!

ءَ هٺُ راوڻ پڻ تہ هو ڪيو،
دغا سان سيتا جو هرڻ ڪيو!

چنڊ آڻڻ جو رام هو هٺُ ڪيو،
سو آرسيءَ ۾ ڏسي خوش هو ٿيو!

راجا جو هٺُ پهريون هٺُ آ،
ٻار جو نمبر ٻيون هٺُ آ،

اِستري هٺُ پر ٽيون هٺُ آ،
ڪوبہ نہ اُن جي مٽُ آ!

ٻال ادب جي ٻال شاعري ڪتاب پڙهندي پڻ مونکي ڪن نون وشين
خاص ڪري وگيانڪ رچنائن جي کوٽ محسوس ٿيندي پئي رهي آ
اِنڪري مون نت نون ۽ اڻ ڇهيل ٻارن جي پسندگيءَ ۽ گيان ۾ اِضافو ڪن
وشين تي ڪوتائون رچڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي اِها ڪوشش توهـ
کي ڪيئن لڳي ڄاڻائي رهنمائي ڪندا تہ مان توهانجو تهدل شڪرگذ
رهندس.

پنجون مجموعو ”ٻال گُلشن“ توهان جي مبارڪ هٿن ۾ آهي ضر
قبول پوندو.

مان شڪرگذار آهيان شري ڀڳوان ”نردوش“ جو جنهن ڪتاب جو سه
مهاڳہ لکي ڏنو آهي، ٿورائي آهيان راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
جنهن ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ مالي امداد ڏني ۽ شري ياسر منگي (سنڌ)
جنهن خوبصورت، وڻندڙ ٽائيٽل ڊزائين جوڙي ڏني.

- ڊا. روشن گولاڻ

ڊا. روشن گولاڻيءَ جا ٻال ساهت جا ڇپيل ڪتاب

(1) رنگبرنگي گُل (ٻال ڪويتائون-2007)
(2) منڙي منڙي لات (ٻال ڪويتائون-2010)
(3) رنگبرنگي پوپٽ (ٻال ڪويتائون-سمپادن-2006)
(4) روشن تارا (ٻال ڪويتائون-2012)
(5) روشن ٻاراڻا ٻول (ٻال ڪويتائون-2015)
(6) ٻال گُلشن (ٻال ڪويتائون-2017)

ڪوئي-ٻليءَ جي راند



(۱)

ڪوئي ٻليءَ سان ڪئي دوستي،
خوب ڪندا ها هوُ پاڻ ۾ مستي!
سيرُ باغ جو روز ڪندا ها،
چوريءَ گُلَ هوُ پٽيندا ها!

(۲)

پوءِ ٻرن، گھرن ۾ وڃن،
خوشبو ڦولن جي هوُ وٺن،
پنهنجي ساٿين کي تڏهن وٽن،
ٻلهاري تن تان اُهي وڃن!

(۳)

هڪ ڏينهن ٻلي پڪڙي پئي،
ڪوئو تہ بينچ هيٺ لڪيو وڃي،
ڪلاڪ بعد ڪوئن جي فوج آئي،
چَڪنَ سان حالت بُري بڻائي.

(۴)

مالهيءَ تنِ کان معافي ورتي،
ٻلي، ڪوئن کي پو، سُپردِ ڪئي،
ٻلين ڏني هيءَ ايڪتا،
خوبُ گھڻا تنِ، احسان مڃيا.

کِٽ پِٽ



- کِٽ پِٽ ٻارو ڪين وٽي ٿي،
  ان مان ماءُ تہ رنج ٿئي ٿي.

- کِٽ پِٽ پڻ ٿي صحت بگاڙي،
  بين هنڌن تي لجي ڪري ٿي.

- اِسڪول جي هم ڪلاسين ۾ ٻہ،
  ڪنڌ ٻار جو هيٺ جهڪي ٿو.

- کِٽ پِٽ آ، سياوَ ۾ جنهن جي،
  تہ اَشانت تنهن من کي ڪري ٿي.

- کِٽ پِٽ کان بهتر ٿئي چُپ،
  اِئين اسان جو مانُ بچي ٿو.

- ”**روشن!**“ کِٽ پِٽ ٿئي جنجال،
  مائٽن جو ڀِي شان گهٽي ٿو.

سياش چندر بوس



آزاد هند فوج جو باني،
سياش چندر بوس جي نہ ڪو ثاني.

انگريزن جي خلاف لڙيو هو،
جئہ هند جو نعرو هن ڏنو هو.

آزاديءَ جو پروانو هو،
اِن لئہ ئي هِنَ ساھہ ڏنو هو.

ڳالھہ اهنسا جي پسند نہ ڪئي،
جنگہ ڪري سا، وٺڻ ئي وٽي.


انگريزن هئو ڪيس قيد ڪيو،
ويس بدلائي هوُ اُتان ڀڳو!

جپان ۾ جئہ هند فوج ٺاهي،
سينگاپور مان پڻ جنگہ هلائي.

ٿا چون حادثي جو شڪار ٿيو،
اُهو اڃا تائيں آ، رازُ رهيو.

سينگاپور ۾ يادگار آ،
ڀارتين جو روشن منار آ.

گيت



گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا،
منهنجي قلم مان لکجي وڃن ٿا.

(۱)

لوڪ-درد جي چون کهاڻي،
جَپُ صاحب جي جڻ تہ واڻي،
مٺڙ مٺڙ سي، ٻڌجي پون ٿا،
گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا...

(۲)

رنجُ جڏهن تو تِنِ کي ستائي،
گيتُ تڏهن تن کي سرچائي،
معصوُمَ اِئين پرچي پون ٿا،
گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا...

(۳)

ٻُڌڻ اچن ٿا سي ٽوليءَ ۾،
ڏين مزو سنڌي ٻوليءَ ۾،
هرڪنهن دل ۾ وسجي وڃن ٿا،
گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا...

رات ۽ ڏينهن



سِڄُ اُڀري ٿو، صُبحُ ٿئي ٿو،
سج جي لهي ٿو، سانجهي ٿئي ٿي.

ڏهه ٻارهين جو، وقت ٿئي ٿو،
ننڊ اچڻ جو جهوٽو اچي ٿو.

ڏينهن سڄو ٿو ڪم ۾ گذري،
رات جو ماڻهو آرام ڪري.

اونهاري ۾ سج گرمي ڏئي،
منجهند جو ڏاڍو تيزُ رهي.


سوٽي ڪپڙا ٿا خوبُ وڻن،
اُهي بدن کي ٿڌڪارُ ڏين.

چاهين ۽ شربت پيئڻ وڻن ٿا،
شانت اسان جي اُڃَ کي ڪن ٿا.

ٿڌ ۾ سيارو نه ڏڪائي ٿو،
ماڻهو گرم ڪپڙا پائي ٿو.

گهڻو وڻن ٿا ٻوڙ ۽ پلاءُ،
کائڻ ۾ سي ٿا ڏين ساءُ.

سرڪار



جا، ھلائي ملڪ جو ڪاروبار،
سا، تي سڏجي ٻاروا سرڪار.

آ اسان وٽ راڄ لوڪ شاھي،
اُٺويھہ پنجاھہ ڪان عمل ۾ آئي.

لوڪ ڏا چونڊن پنھنجا نيتا،
وزير ھلائن سرڪار اُھا.

ھِنَ سرڪار ۾ پرڌان مودِي،
وڪاس پٿ جي راھہ جنھن کوجِي.

مھلائن کي پڻ سوپ ملي،
سُشما سراج وديش منتري.

"روشن" پارت جو آئيندھہ ڪيون،
پڪ جو وچن ٻي اڄ ھتي ڏيون.

ڏيئُ



- بجلي گُل ٿي، ڏيئُ جلايون،
اونڌهہ کي ٿا دُور ڀڄايون.

- هونئن تہ قدر ٿيندو ڪونهي،
وقت اچڻ تي اُپيوڳ ۾ اچي.

- ڪو ڪو سانڍي رکندو آهي،
بجلي وڃڻ تي ڪڍندو آهي.

- جنهن وٽ ڏيئڪ هوندو ناهي،
ميڻ بتي ٻاريندو آهي.

- وقت وقت جي ٻلهاري آ،
ڏيندو ڏيئڪ دلداري آ.

رام ۽ ڪرشن



- پوڄا پارو! رام جي ڪيون،
دردمندن تي پڪ، رحم ڪيون.

- ياد اگر ٿا ڪرشن کي ڪيون،
ڪرم ڪرڻ تي به ڌيان ڏيون.

- ديش اندر جي، اوتار ڏسون ٿا،
شرڌا سان نمسڪار ڪيون ٿا.

- نامَ تہ ڏسجن ٿا تمام گهڻا،
اُنهن جي آڏو اسان جهڪون ٿا.

- ديش اسان جو پرجاوادي،
لوڪ راڄ کي ماڻ ڏيون ٿا.

- نِت نيم سان سمرڻ به ڪيون،
پرميشور سان جي، پيار ڪيون ٿا.

خوبُ وڻن ٿا...



- گُلن مثل ئي ٻارَ ٽڙن ٿا،
تڏهن سڀن کي اُهي وڻن ٿا.

- ڪوڙ ڳالهائي جي، ويندا آهن،
جهٽ ظاهر ٿي پوندا آهن!

- ڪوڙ ڪپٽ کان پري ڀڄن ٿا،
من ۾ ڪڏهن سا، ڪينَ رکن ٿا.

- رانديون ڪن ٿا گڏجي مسجي،
يارَ سچا هڪ ٻئي جا بڻجي.

- ڪَن پَلَ ۾ ڪڏهن وڙهي پون ٿا،
اُتي جو اُتي ٺهي وڃن ٿا.

- ''روشن'' جيڪي نالو ڪن ٿا،
ٻارَ اُهي ئي خوبُ وڻن ٿا.

رامُ راڄُ



- رام ۽ لڇمڻ سان سيتا،
خاص ڏياريءَ تي ٿئي پوڄا.

- جڏهن گهمڻ اُهي وڃن ٿا،
هنوُمانُ ڪلهن تي اُڏن ٿا.

- رامُ راڄُ اَڄُ مشهورُ آ،
نياءُ اَهڙي جو ضرور آ.

- وچن نڀائڻ بَنُ هو، ڪٽيو،
چوڏهن سالن بعد اُهو وَرِيو.

- ڪاش! هنومان ڀڳت هجن،
رام شيوا ۾ جي، سدا رهن.

- گهرجن پُٽَ ٿا آگياڪاري،
سنديش اِهو ڏئي ڏياري!

اچو تہ...



- اچو تہ گڏجون سڀ ٻارَ سنا،
ڪائون گڏجي اڄ ٻيرَ مٺا.

- گڏجي ٽا ترنگو جهولايون،
پوءِ قومي گيتُ بہ ڳايون.

- آزاديءَ جو ڏينهن سڀاڳو،
جشن ملهائڻ جو ڌوم ڌڙاڪو.

- ٻُڌو ملي ڪئن هيءَ آزادي،
سڀاش، تلڪ، گانڌيءَ آندي.

- انگريزي راڄ جو بول بالا،
هلچل سان تنهن کي لڳا تالا.

- ڀڳت سنگهہ ۽ هيمون ڪالاڻي،
لکي شهادت جي جڙ تنِ کهاڻي.

ڪلاس ۾...



- ڪلاس ۾ تي آ بيت بازي،
ڏسون ڪتي ڪير تو بازي.

- گيتن ڳائڻ ۾ هوشيارُ آ،
سدا ڪنائيندو ڪرتار آ!

- سائنس ۽ مئتس بورُ ڪري تي،
تڏهن وندر جي ريت وڌي تي.

- سنڌي فلمن جا گانا ڳائي،
موهن سڀ کي مست بڻائي.

- جهونا گانا ڪن کي وڻن تا،
سڀ فرمائش نون جي ڪن تا!

- مينا پڻ ڪنهن کان گهٽ ناهي،
آخر بازي هِنَ هٿِ آهي!

انگريزي فئشن



- انگريزي ٽوپلو پائي ٽو،
خود، انگريزُ سڏائي ٽو!

- اَنگلش گانو ٽيپ ۾ هلي،
انگريزي ڏُن ۾ ڳائي ٽو!

- انگريز سڏائي، فخر وٺي،
پاڻ سان ٻيا ٻہ نچائي ٽو!

- فئشن جو ڦٽو شوقينُ آ،
هر هر هوُ ويسُ مٽائي ٽو!

- ڪڏهن تو ڪپڙا جوڪر وانگر،
رستي تي تو کِلَ ڪرائي!

سٺا سنسڪار



- ٻارَ سِکڻَ جو ڏانءُ رکن ٿا،
جيئن سيکاريو، سکي وڃن ٿا.

- ڪوڙُ ڪان ٻچن ٻارَ پري ٿا،
مَنَ جا سچا سي، سدا رهن ٿا!

- مائٽ ڏين ٿا سنسڪار سٺا،
پڙهڻ، خوش ٿي اِسڪول وڃن ٿا.

- اُستاد بہ بڻن سچا رهبر،
وڏا ٿيڻ تي ڪجهہ ڪري سگهن ٿا!

- ڪوڙ وڏا جي، ڳالهائين سچ پچ،
ٻارَ تہ ”**روشن!**“ چئي ڏين ٿا.

ننڍڙو سانورو...



ننڍڙو سانورو هئو ڪنعيو،
تنگ يشوا کي ڏاڍو ڪيو!

- ڌاهي رکندي هئي مکڻ اُها،
ڪائي پورو هوُ، ڪندو اُهو!


- هئو شرارتي حد درجي جو-
ان تہ يشودا کي ناراض ڪيو.

- يشودا ميا پي اندران خوش-
غصو تہ ٻاهريون ڏيکاءُ هئو!

- گوپيون بہ هئس پيار ڪنديون،
راند ڪرائي وٺن مزو گهڻو!

- ”روشن!“ ڪرشن جو ٻالپڻ اِئن،
هر وقت تي، مستيءَ ۾ ئي رهيو.

سِڱ



- پالتو جناورن کي سِڱ مليا،
آهن سي بچاءَ لاءِ مليا!

- جانور شڪاري، تن کي کائن،
بچاءَ لاءِ مالڪ سي، ڏنا.

- ڳانءِ مينهن ۽ رڍ ٻڪري،
تن کي ئي تہ سِڱ عطا ٿيا!

- اُٺ، گهوڙا ۽ گڏهہ ٻارو!
بنا سِڱنِ جي رکشڪ سي، ٻڌيا!

- پالتو جانور کير ڏين ٿا،
ڌيريءَ ۾ سي ڪٽي ويندا.

- کير صحت لاءِ آهہ ضروري،
طاقت ور ٻُت سڀ جا ٻڌيا!

منوءَ جا خيال



- مَنوءَ جي مَنَ ۾ خيالَ اَچن ٿا،
''ڀوُن ڀوُن'' ڀنئرا ڇا لاءِ ڪن ٿا؟


- ڪڏهن تہ سوچي، ڪيئَن ٻرَنِ ۾،
اُت ڪوليوُن، ماڪوڙا رهن ٿا؟

- آهِ ننڍو پر، سوچَ وڏي تَسِ،
مائِٽَ بہ اُنَ تي فخر ونن ٿا.

- جَلُ سين هنڌن صاف آ ساڳيو،
گنگا ۾ ئي ڇو سَنانُ ڪن ٿا؟

- ڪڏهن پُڇي ٿو وِهي سوالُ تہ،
موتُ ٿئي، ڇو ماڻهوُ رُئن ٿا؟

اَسُرُ ويلا



- ٻُڌُ، مندر ۾ ٿا گھنڊ وڄن،
اَسُر جو ماڻھو جاڳي پون!

- انھيءَ بھاني رَبُ ياد اچي،
سَوَڙِ ۾ ئي رام نامُ جپن!

- ٻارو! آ مڌر اَسُر ويلا،
ڀاڳوانُ سي، اُن ويلا اُٿن!

- ڏسي وڏن کي ٻارَ سکن ٿا،
تِن کي پڄن ۾ ٿا ساٿُ ڏين!

- ٻارن جي آ دنيا نياري،
وندرَ اُھي ھر مائٽ کي ڏين!

- ننڍن ڪَمَن ۾ **روشن**! ڊوڙِن-
راس ڪري سي، خوش اُھي ٿين.

مامو



مامو آيو مامو آيو،
جامَ ٽولَ آ کڻي آيو.

برٿ ڊي جي واچ بہ آندي،
نوان ڪپڙا پائي، سا پاتي.


اڄ بازار ۾ ميلو آهي،
پڪ ايندو اُهو بہ گُهمائي!

ڊريس نئين ڀيڻ لاءِ آندي،
ميلي ۾ هلڻ لاءِ سا پاتي.

سوٽ ڪيس پاپا لاءِ آندو،
ڏسڻ ۾ تہ سو ، لڳي مهانگو.

هرڪنهن لاءِ ڪجهہ آندو،
مگر مميءَ لاءِ شال آندي!

جيئڻ لاءِ



- ٻين ٻچئين ڪلاڪي پاڻي پيئُون ٿا،
ٻارو! تڏهن ئي اسان جيئون ٿا!


- جيئڻ لاءِ آهي کاڌو ٻه ضروري،
چانهه سان بسڪيٽ يا وري دال ۽ پوري.

- شام جو اگر ڪوئي پي گهمڻ وَڃي ٿو،
دير ٿئي، کاڌي لاءِ هوٽل ۾ وهي ٿو.

- کائڻ لاءِ ملن ٿا گهر ۾ ٿولَ سوين،
صوُفَ ۽ زيتوُن، باداميون اکروٽ سوين!

- چشڪي جي لاءِ پي ڪيئين ٿول ٿين ٿا،
ڪي سستا ڪن جا مهانگا مولَ ٿين ٿا.

- آئيسڪريم ڪائون يا ٿا شربت پيئون،
ڪائي پئي آسيسَ ٿا مائٽن کي ڏيئون.



ڪُولرُ

- گرمي تہ آهي تمام گهڻي،
ڪُولر جي آ ضرورت پَئي.

- مهمان اچي جي، ڪولر ڪَمَ جو،
ٿڌاڻ سان سواگت سَڀ جو!

- پکهرُ ڪِنَ ۾ ڪم ٿي وڃي ٿو،
ماحوُل ٿڌو خوبُ وڻي ٿو.

- سڄي پارو، گرمي دشمنُ،
ٿڌاڻ سان ٺري تَنُ، بدن.

- ناهي غريب جي گهر ۾ اُهو،
پنکو يا وڃڻو هٿ ۾ ڪنيو.

- وگيان يگ ۾ آ، لاڀُ گهڻو،
مؤسم موجب اِستعمال ڪيو.

ليڊر



- ڪرڪيٽ ۾ ٿيندا فيلڊرَ آهن،
  سرڪار ۾ ٿيندا ليڊرَ آهن.

- چونڊن ۾ جنهن جي هجي گهڻائي،
  پارٽي ٺاهي سرڪار اُها ئي.

- ليڊرَ وڏو ٿئي مکيہ منتري،
  نمبر ٻيو بڻي تو اُپ منتري.

- سرڪار ۾ آهن ٻيا بہ منتري،
  ڪَمَ سونپيل نہ آهن منتري.

- هر منتريءَ کي کاتو هي،
  ڪمَ ڪندو سو، پرجا جو آهي.

- ڪو بڻي يارو! کاڌ منتري،
  ڪو ٿئي تو ناٽي منتري.

- هر پنجين سال تي سرڪار ٺهي،
  اِئين ديس جو ڪاروبار هلي.

سهڻيون ڳالهيون!



- دان جِي مائٽ، جي وجهن عادت،
عادت سا تہ ڏئي ٿي راحت.

- نقلي شين کان ڪجي ڪنارو،
اُستادَ ڏين اِهو اِشارو.

- لڇڻ سٺا جن کي ڀِي آهن،
گهر، اِسڪول ۾ پيارا آهن.


- شامَ صبوح جو وقت وڻي ٿو،
رونق اُهو، خاص ڏِئي ٿو.

- جهنگ ۾ گهمڻ جي مؤج اَنوکي،
هرڻيءَ ٽپڻ جي مؤج اَنوکي.

- جهنگ ۾ سَها ٿيندا آهن،
ليڪن ٻچڙا هوندا آهن.

- نانگ وڃن کان ٻڄڻو پوي ٿو،
قدم سنڀالي کڻڻو پوي ٿو.

باغيچو



- منهنجي اڱڻ ۾ باغيچو آهي،
  هر گُل جي اُتِ خوشبو آهي.
- ٻوٽو گُلن جو آهِه چميلي،
  چمپا ٻوٽو تنهن جي سهيلي.
- گُلابُ گُلن جي سُرهاڻ آ،
  ڇني، خوش اُت، ٻار آ.
- آهِه گاهُه پڻ سائو سائو،
  جوت اکين جي گهمي، وڌايو.
- آسوپالوَ مني پلانٽ،
  نهاريون، ڏئي مُن شانت.
- رجني گنڌار جي وَلِ نياري،
  مٺي وڃڻ جي ڪري تياري.
- تلسيءَ جو ڪونڊو ٻه نرالو،
  مُڪتِ روڳن کان ڪرڻ وارو.
- نت نيم جلُ ڏيندي آهي،
  پَتا ٻه ٽي پڻ ڪٽنديِ آهي.
- پوترتا جي تلسيِ نشانيِ،
  لڳي اڱڻ ۾ اُها سُهاني.

ٻار جي اندر



- ڪاغذ جي ٿو ٻيڙي ٺاهي،
پوءِ تلاءَ ۾ سا ٿو تاري.

- ٻارُ پيو ٿو جهاز ٺاهي،
''زوُ زوُ'' ڪري سو، اُڏائي!

- ٻارن ڪي ٿي ڪا ونڊر ڪپي،
ڪو واندو وهي تہ مستي ڪري.

- موڪل معنيٰ موُج ۽ مزو،
چون سڀئي، ''روز اچي اِهو!''

- ڪي تہ ڪئرم وينا ڪيڏن،
ڪي ٻاهر ڪرڪيٽ پيا ڪيڏن.

- وئڪيشن جي ڳالهہ ئي نہ پڇو،
گهمڻ ڦرڻ جو آ موقعو اِهو.

صلاح مچو



- وانديءَ وهڻ مان نقصان آهي،
سستيءِ روڳ جو امڪانُ آهي.

- ڪَنَ پنهنجا سڀ رکو سُريلا،
ڪيو هٿن کي ڪَمَ سان رنگيلا.

- گهمنڊ گهڻو جي ٻيي ٻارَ ٿا ڪَنِ،
سي ڪڏهن نہ ڪنهن کي صفا وڻن.

- سياءُ تہ ٻارو! سڀ جو آ، الڳہ،
تڏهن تہ هر ڪَمُ ٿيندو آ الڳہ.

- دڙڪا ملڻ تي روئڻ اچي ٿو،
صحت لاءِ ڪڏهن سو، سُنو لڳي ٿو.

- ٻارُ، چئيوان، جتي هجي ٿو،
نالو ”**روشن**“ گهرَ جو ڪَري ٿو!

رانديون

- لِڪ چِپ راند آ، مشڪل ملندي آ،
راند آ هاڪي ڪرڪيٽ هلندي.

- هر راند جو هِت ڪريز ٿئي ٿو،
موقعي موجب ئي کيڏي ٿو!

- فُوٽ بال پي دنيا کيڏي،
هاڪِي به ٿي ڏسڻ لاءِ ملي.

- باسڪيٽ بال جي به راند ٿئي،
ٽينس به ٿي هِت کيڏي وڃي.

- آهه بئڊ منٽن راند انوکي،
ڪِن لئہ سؤکي، ڪِن لئہ اؤکي!

- ڳوٺن ۾ نہ خاص ڪبڏي ڪبڏي،
شهرن ۾ آهِه ڪڏهن ڏِسبي!

- ياد ڪريون جي، وسريل رانديون،
ڪري ڏسون ته ٿين تازيون.



ڌيءُ تہ گھر ۾...

- ڌيءُ تي گھر ۾ آ سدا پياري،
تئي انھيءَ سان رونق نياري!

- ماءُ کان وَڌِ آ پيءُ کي پياري،
پاءُ جي خوشي بہ ان ۾ ساري!

- سماج ھاڻي بدليو آھي،
فرق نہ تن ۾ رھيو آھي.

- ٻڌايو مگر ڌيءُ سداچاري،
سندس چريتر ۾ ھجي ڀاري.

- ھاڻ تہ وڪيل ۽ جج بہ بڻي،
يا، منسٽر ٿي، ساراھہ ڪڍي.

- ڪٿ ڪٿ ڳوٺن ۾ حال ٻُرو،
جو، ”ناد سُڄاڳي“ آ ڪونہ وڳو.

تلڪ هولي



- تلڪ هوليءَ جو رواج پيو،
رواجُ اُهو آ، سٺو ٿيو!


- ڪيميڪل ڪلر، چهرا خراب،
تنهن ڪان، رنگ جو تلڪ ڏيو!

- هولي سادي ڍنگ سان سٺي،
ننڍا وڏا سڀ ڏيان ڏيو!

- پاڻيءَ جا ڦوهارا ڇُٽن ٿا،
اِهو مگر جل جو زيان ٿيو.

- ٻارو! ٻَچت جو هي ڍُنگُ،
۽ توهان بہ جَلِ بچت ڪيو!

وقت وقت جي ڳالهه



- اَڳي چلهه ۾ ڪاٺيون ٻاريون،
تن تي ديڳڙا ۽ ديڳڙيون ماڻهن تي چاڙهيون.

- پوءِ ته ٻارو آيون ڪوئلا سگريون،
ڪجهه ته سهوليتون تِنِ مان ٿي پڙپيون.

- ايجادون گئس سلينڊر جون نڪتيون،
سهوليتون پائيپ لائين جون مليون.

- ملندي رنڌڻي ۾ آهي فرحت،
پريشر ڪُڪَرَ جي ملي سهوليت.

- ڪاڏي رڌڻ ۾ وقت لڳي ٿورو،
۽ ٻن ٽِنِ سگرين تي رَڌجي گهڻو.

- ڏسو هاڻ ته اوَنِ به نڪتا آهن،
منٽن ۾ بائل ٿيندا آهن.

واڍو



- اڃا بہ ڏسون ڊڪڻ گھرن ۾
يَڙُ سي فرنيچر جوڙڻ ۾.

- ڪي ڪي تِن ڪي گھر ۾ سڏائن،
اڃي اُهي پلنگ ٺا ٺاهن.

- ميزون، ڪرسيون پي ٺا ٺاهن،
آرڊرُ جڏهن وٺندا آهن.

- هاڻ ڪارخانہ ٺئہ کلي پيا،
خاص طرح فرنيچر ٺهي پيا.

- ٺنوان هجي يا مفلس ڪو،
فرنيچر جي رکي حسرت ٿو!



اَٽل اِرادو

اَمان اَمان ٻُڌ مان آفيسر ٿيندس،
يا تہ اَمان پڪ مان ڊاڪٽر ٿيندس.

(۱)

سچ تي هاڻي ماڻهو ڏکيو هلي ٿو،
ڇو جو، ڦل اُن جو دير سان ئي ملي ٿو،
ليڪن مان تہ اَمان بس، سچ تي ئي هلندس،
اَمان اَمان ٻُڌ مان آفيسر ٿيندس.

(۲)

دل ۾ رکيو آ مون تہ اٽل اِرادو،
اوچو پد پائڻ جو، پاڻ سان واعدو،
سوچ سدائين مان صاف ئي رکندس،
اَمان اَمان ٻُڌ، مان آفيسر ٿيندس.

(۳)

نيڪيءَ سان ئي آهي منهنجو ناتو،
ڇو جو بدي ٻڻي پوندي پارانو،
عهدي وڏي جا خواب مان لهندس،
اَمان اَمان ٻُڌ، مان آفيسر ٿيندس.

جَنڊُ (گهر گهنٽي)



- هاڻ نہ گهر ۾ جَنڊُ هلي ٿو،
گهرَ گهنٽيءَ جو شورُ هلي ٿو.

- نُهرُن هٿ ۾ راڄُ رهيو آ،
جنڊَ کي ٽِنِ کُنڊَ ۾ رکيو آ!

- اَٽو پهائڻ جو وقت ڪٿي آ؟
چڪي غريبن جڻ تہ ٻِلي آ!

- گهر ۾ سهوليت ميسر آ، ٿي وئي،
گهر گهنٽي اَٽو ڏِئي پِهي.

- ضرورت موجب آ، هلي چڪي!
نوبت ٻاهر وڃڻ جي ڇُٽي!


- وڳيان يُگ جي دين انوکي،
اَٽو پهائڻ، ڳالهہ آ سؤلي.

راڄڌانيون



هر راڄيه کي آ، راڄڌاني،
گانڌي نگر گجرات جي گادي،
ڪم ڪار تي سرڪار هلائي،
راڄيه تڏهن ئي هلندو آهي،
دهلي-، ديش جي راڄڌاني،
ديش-وديش توڙي ڪو مڪاني،
ڪم ڪار سندي ٿئي رواني،
پڙوسي شهر جئپور آهي،
شهر گُلابي، سڏبو آهي،
ممبئي مهاراشٽر جي گادي،
سڏجي واپار جي نگرِي،
لنڊن جهڙي آ، اَهميت ملِي،
آ اُتر پرديش مشهور گهڻو،
پاون گنگا جو وهي وهڪرو،
تيرٿ ڌام ديش جو اِهو،
هر راڄيه کي آ راڄڌاني،
سڄي ديش ۾ پرسڌ ٿيو،
لکنؤ آ اُن جي گادي،
يارو! هاڻي توهان ٻُڌايون،
کهڙيون ٻيون، اُهي سڻايو.

پيزا



- پيارا پِيزا، پيارا پِيزا،
ڪي، چيز ٻٽر وارا پِيزا.

- چاهہ سان ٻارَ ٽا کائن پِيزا،
خوش ٿي ڏاڍو آڻن پِيزا.


- ناستي جو هِي خاص اِسم آ،
پَرِ ٽِنِ جو ٻِي الڳہ قسم آ.

- ويهي هوٽل ۾ کائن ڪي،
مائڙ ٻہ گهر ۾ ٺاهن ڪي.

- سيني ناسٽن ۾ آهي نيارو،
سوادُ انوکو ڏئي ٿو ٻارو!

- اچي وڏن کي پڻ خاص مزو،
چون ٻارن کي، سڀ اچو اچو.

سمارٽ سِٽي



ٻارو ٻُڌو، هڪ آ ڳالهه سُڻي،
ٺهندي جِتِ ڪِٿِ سمارٽ سٽي.

پرڌان منتريءَ آ، اعلان ڪيو،
عملَ انهيءَ جو جڻ اِجهو ٿيو.

صاف ۽ سُٺرا سڀ روڊ وڏا،
اِسڪيم ۾ ٻارو! اِهي رهيا.

وڻ ٽن ٽن تي پوکيل هوندا،
مسافرن کي سي ٿڌڪارُ ڏيندا.

پوءِ حادثا گهٽجي ويندا،
واهڻ هلائيندڙ پڻ خوش ٿيندا.

سونهنَ شهر جي نِکري پوندي،
هاڪَ ملڪ جي نکرِي پوندي.

باغ بغيچا به جام هوندا،
صحت سٺدو اِنعام ڏيندا.

جئہ شِوُ شنڪر



- هٿ ۾ هن جي ڊمرو وڄي ٿو،
شيوو اَڄ شوَ شنڪر بڻي ٿو.

- تانڊوَ ناچ ٿو هوُ ڇا تہ ڪري!
ڌرتي ساري ٿي ڏڄي وڃي.


- ٻار پيا ٿا هِنَ پويان گهمڻُ،
”بَمُ بَمُ ڀولي“ زورَ سان چون!

- ٻارن لاءِ آ ڀڳوان عجيب،
نانگ ڳچيءَ ۾، ڪو نہ قريب!

- هَٿ ۾ هن جي ترشول اٿوَ،
ڀسم ڪرڻ لاءِ سو، موُل اٿوَ.

- ڀڳوانن جا ٻارو! روپ جام،
پوڄا تِنِ جي ٿئي صبوح، شامَ!

ٽي. وي.



- رانديون ڪرڻ ڪيرُ وڃي ٻاهر،
ٽي.وي. ڏسڻ ۾ آ، هرڪو ماهر.

- ڪارٽونن جا ٻارَ ڏاڍو شؤقين،
ماءُ سڏي تہ بہ ڏسڻ ۾ لِينِ.

- خاص ڪي ٻارن لاءِ هجن ٿا،
پروگرام سي ڏسڻ لڳن ٿا!

- ٽي. وي. آهي وندرَ وسيلو،
ٻاهر ڀٽڪڻ کان ڪَمُ هيِ رسيِلو.

- موڪل ڏينهنُ تہ ٽئي سجايو،
سٺي فلم جو آ مزو آيو.

پيءُ ماءُ جو سڄي نانو،
وٺن اُنهن کي ڏوهٽي ڏوهٽو.

ٻار ڪاڪن جا سؤٽ ٽا سڄن،
گڏيل ڪٽنب ۾ گڏجي ٽا رهن،
رشتن ۾ اِئين ماسات ٽين،
ڪن جا وري ڪي ٽا پڦات ٽين.

رشتا ناتا انيڪ ٽين ٽا،
جڳت سڀي سان ٻنڌيل رهن ٽا،
ڏاڍو، ڪيهو مان ٿهندو آهي،
ڪٽنب جانْ جڳ لڳندو آهي.

رشتا - ناتا



ٻارن جا ٽين ممي پپا ٿا،
ممي پپا جا اَمان اَبا ٿا،
سي ٻارن جا ڏاڏو ڏاڏيِ،
پوٽيُن پوٽنِ سان آهي راضي.

پيءُ جو ڀاءُ، سڏجي ڪاڪو،
ماءُ جو ڀاءُ سڏجي مامو،
ڀيڻ، ماءُ جي سڏجي ماسي،
ڀيڻ، پيءُ جي سڏبي آ پڦي.

شادي ڪري ڏيئر وڃن ٿيون،
گهوٽ سان گڏجي اُتي رهن ٿيون،
ڪٽنب انهيءَ ۾ ٻار ڄمن ٿا،
ناناڻي گهر خوب وڃن ٿا.

ماءُ جي ماءُ ٿن جي ناني،
خوب ڪارائي ٿي مکڻ ماني،

تِرڙُ سکو



- سدا غضي کان ڪجي ڪنارو،
ڪِلمڪُ سياڻ کي ڏجي سهارو!


- پَلَ پَلَ جي آ مهما پنهنجي،
ڳالهه هاڻ ڪر هرڪا پنهنجي.

- جو ڳالهائي ٻارو! تو گهڻو،
بدنام ٿئي بس، اُهو گهڻو.

- ٻارَ جا لڇڻ، دولت آهي،
جيون جي سا، نعمت آهي.

- گُلن مثل ئي سڀ ترڙُ سکو،
سَنگَ سُني ۾ يي اچڻ سکو!

- منڊ جو ميوو وڏندو آهي،
چانهي، گدرو وڏندو آهي!



ريفريجيٽرُ

- رفريجيٽرُ رفريجيٽرُ،
ننڍڙو جڻ آ ٿڌاڻ گهرُ.

- اونهاري ۾ وڏيڪ وڻي ٿو،
ٿڌو ٿڌو جل سڀ کي ملي ٿو.

- مهمان اَچي جي، ڏيون انهيءَ کي،
ٿڌو ٿڌو ٿا کيون اُنهيءَ کي.

- شربت شيشا اُن ۾ رکون ٿا،
مهمانُ اچي ته اُن کي ڏيون ٿا.

- آئيسڪريم ءِ، برف ٿـي،
کائون، پيئون ٿي موجَ اچي.

- کير ٿڌو پڻ ٿو اُن ۾ رهي،
ڏينهن ٻه ته ٿو تازو لڳي.

- ڀاڄيون ميوا، تازا رهن ٿا،
فِرج جا ڀيا ٻه اُپيوڳ هجن ٿا.

چؤماسو



- مينهن وسي ٿو سانوڻ آيو،
ٻارو! گڏجي مؤج مچايو!

- صبوح سويل کان پئي وسي،
اڄا نہ مانِ ۾ ٿي کين اچي!


- ورڪا ڏاڍي تيزُ پئي ٿي،
ڇتي اُتي ڪا سَٽ نہ جهلي ٿي.

- رستا ٿي ويا پاڻي پاڻي،
ڳانءِ اُتي هڪ ٿي ساڻي.

- اِسڪول مان ٿي موڪل آهي،
ڪوبہ شاگرد اڇڻو ناهي.

- ڪوٽ پائي ڪي آيا آهن،
برسات کان تڏهن بچيا آهن.

ڪلمڪ سپاءُ



- ڪَمَ ۾ اچي ٻارَ! هوشياري،
نڪري هر هنڌ تي هٻڪاري!

- موڳو متر نہ ڪنهن کي وڻي،
وقت تي سياڻپ ڪم ٿي اچي.


- سدا شڪايتَ راڳہ ٿو ڪائي،
سنتوش ڪڏهن ڪندو ناهي!

- ڪلمڳ سپاوَ وارو آهي،
تڏهن سڀن کي وڻندو آهي.

- هر ڪم ۾ رکي ٿو، هوُ ڦڙتي،
راس ڪري ڪمَ ٿي اِئين چستي!

- جڏهن ڏسون، هوُ ڪري ٿو مستي،
ٻارو! ڇا، مستي آ سستي؟

اُپ جا تارا



- تارو اُپَ جا ٽو تارا ڳڻي،
راند اِها ئي ٽي خوب وڻي.

- ٻارَ ٻيا ٻي هن سان آهن،
ڪيس ڳڻڻ ۾ ٽا مدد ڪرائن.

- منوج کي پر، ٽو چنڊُ وڻي،
هِڪِ تِڪَ پيو ٽو اُن کي ئي ڏسي!

- چانڊوڪي گهر جي ٻاهر آهي،
ٻارن لاءِ ٻڻي وندر آهي.

- ڪئلاش جو آهي مُنهن سُڄلُ،
شايد تن ڪان هوُ آهہ رُذلُ!

- اِڳا سڀ ئي هن کي پرچائڻ،
ڪئن ٻہ سندس موڊ کي ناهڻ.

سِکو



- ٻارُ نہ وٽي ٿو، جو ڪِٿ پٽيو،
سڏجي اُهو ئي ٿو سَر ڦريو!

- عادتون رکو ٻارو سُٺيون رکو
ڳالهيون بہ سدائين مِٺيون سِکو.


- شڪر ڪريو پريوءَ زبان ڏني،
هڪ ۽ ننڍڙي آ، ٻِڳوان ڏني.

- جو گهٽو ڳالهائي ڪين وٽي ٿو،
هرڪو ٻَڪِ ٻَڪيو تنهن کي سڏي ٿو.

- سُٺو مٺو ڳالهائڻ سدا ڪپي،
جو، ٻارو! اهڙو ٻارُ وٽي.

- ٿُڪِ ٿُڪِ جي آهہ، ٻُري عادت،
ٿُڪَ جي وڃائڻ جي، وڃي عادت!

چانهہ پئي ٽي



(١) ڪُوئِي ٽر-ٽر پيئي ٽي ڏڪي،
ٿڌهن ٽي گرم گرم چانهہ پئي!

(٢) گرم بدن ٽي پنهنجو اِئن ڪري،
پو ٽڏ ڪان ٽي هوءَ بچي!

(٣) ٿڙٽي منجهس خاص رهي ٽي،
ٻڙ پنهنجي ڏي هوءِ ڊڪي ٽي!

(۴) شؤق اِئين ئي ٽي پورو ڪري،
چانهہ وقت ٽي ٽي اُچي وجي!

مائٽ جو موهه



- ٻارَ لاءِ آ ماءُ کي ممتا،
ڏارَ رهي ته به ياد ڪري سدا.

- پيارُ پيءُ جو لڪل رهي ٿو،
وقت تي اولاد کي ڪم ۾ اچي ٿو.

- مائٽ ٻارن لاءِ جيئن ٿا،
تن جي سُک لئه ڏُکي رهن ٿا.

- موهه ته مائٽ جو انڌو آ،
آڏو پنهنجي رکندو آ.

- ”روشن!“ ڪاش سو، ٻار به سمجهي،
مائٽ لاءِ پنهنجو فرض به سمجهي!

گيت ٻارن جا



گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا،
منهنجي قلم مان لکجي وڃن ٿا.

(١)

لوڪ-درد جي چون ڪهاڻي،
جَپُ صاحب جي جڻ ته واڻي؛
مٺڙ مٺڙ سي، ٻڌجي پون ٿا،
گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا...

(٢)

رنج جڏهن تو تِنِ کي سنائي،
گيتُ تڏهن تن کي سرچائي،
معصوُم اِئين پرچي پون ٿا،
گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا...

(٣)

ٻُڌڻ اچن ٿا سڀ ٽوليءَ ۾،
ڏين مزو سنڌي ٻوليءَ ۾،
هرڪنهن دل ۾ وسجي وڃن ٿا،
گيت ٻارن کي خاص وڻن ٿا...

پڙهائي



غريب گهر جو ٻالڪ آهي،
پڙهڻ لکڻ ۾ ماهرُ آهي.


(۱)

اِسڪول ۾ سڀَ جو آ پيارو،
نيڪ نيّت ۾ سڀ کان نيارو،
دوست ڪچا جي، پڙهائي ۾،
پنتي رهن ٿا جي، سچائي ۾،
تن کي سدا هوُ پاڙهي ٿو،
پستڪاليہ جو سنچالڪ آهي،
غريب گهر جو ٻالڪ آهي...

(۲)

ڪلاس ٽيچر جو ساڄو هٿُ آ،
ٽيچر نہ هجي، تہ اُن جي مَتُ آ،
ڪلاس سڄو هوُ سنڀالي ٿو،
ٽيچر ٻڌجي سيڪاري ٿو،
ٽيچر ڏي جو ٽيچر آهي،
هرڪنهن ڪم ۾ ماهر آهي،
غريب گهر جو ٻالڪ آهي...

ڪِنوَڻ ڪنويِ تي...



- اُپ ۾ ڏسوئي ڪِنوڻ ڪِنوي تي،
چوي: اِجهوئي ورڪا اچي تي!

- ڦُڙُ ڦُڙُ جو ٻارَ، مزو وٺن،
گهر ۾ ڀڄن، جي تيز پئي تي!


- ڦُڙُ ڦُڙُ پهرين وسندي آ،
تيز پئي، گجگوڙ ٿئي تي!

- ورڪا مؤسم سڀ کان نياري،
گرمي ڀڄي ٿڏاڻِ وٺي تي.

- ڪارا ڪڪر ٿا ٻارن کي وڻن،
ڏسڻ سان تِنِ کي موج ملي تي.

- ٻي ٻارو! آ بَهار جي مُندَ،
وڏيڪ بهاري، اُها ڏئي تي.

نعرا آهن



- خالي کيسا چي: 'انگوُر کٽا آهن'،
پُڇي نہ سگهڻ جا ٻارو! نخرا آهن!

- ٻارَ ڏين ٿا اڄ جهنڊي جي سلامي،
چوڏر 'جئہ هند' جا ئي نعرا آهن.

- ڌرتيءَ تي ڏسو ڪيڏا نہ ٻارَ آهن!
جئن اُڀ ۾ بي شمار تارا آهن!

- مندر ۾ آ موهن اڄ پهتو،
طاقتور تي ويا نغارا آهن.

- گهنشيام پيو ٿو گهنڊُ وڄائي،
موجَ ۾ اَڄُ منجيرا آهن!

وئڪيشن



هاڻ آ تي وٽي ڏس وئڪيشن،
بار گهمڻ ويندا هِلِ اِسٽيشن.

ڪي آيا ڏوَ سملا پهاڙ،
اونهاري اُت ٿئي ٿو ٿڌڪار.

اِهو تہ آهي دهليءَ ويجهو،
راجسٿان ڪان، آ وچڻ سنهنجو.

گهمڻ ڦرڻ سان ايندي بهاري،
اُتي ملي هَرِ هوٽل پياري.


ڏينهن هڪ پر، موج آ نياري،
پوءِ تہ موٽڻ جي ٿئي تياري.

ڪي اوٽي، پاوا ڳڙهہ ويندا،
لطف گهمڻ جو خوب سي وٺندا.

رامو، شامو، گرڌار گهمنِ،
شينهنَ گيندا ڏا اُتي ڏسن.

هاڻ آ تي وئي ڏس وئڪيشن،
بارَ گُهمڻ ويندا هِلِ اِسٽيشن.

تازي هوا

- آهي صبوح جي مَسُت فضا،
ڪِرَن گُلن تي ٽا ماڪَ ڦُڙا!

- ماڪَ سبب ٿي ڳاهہ بہ آلو،
پيرَ ٺڌا سڀ جا، ڪري اُها!

- سئرُ صبح جو خوبُ وڻي ٿو،
تازي رهي ٿي صحت سدا.

- باغ جو سئر آ، سڀ کان نرالو،
نظر وڌائڻ جي جڻ آهِہ دوا!

- موڪلَ ڏينهن تہ صبح جو گُهمو،
باقي ڏينهن شامَ جا رهيا!

- يارو! موهي باغَ نظارو،
”روشن!“ ڪائو سڀ تازي هوا.

پھرين ڪريون



- اچو تہ گڏجي راند ڪريون،
مَسِتيُنُ سان پلاندُ پريون!

- ڪَمَ اِسڪول جا پهرين ڪريون،
گهر جي ڪمن کي پوءِ ڪٽون.

- شام جي وقت ۾ کيڏيون سڀ،
کوڏيون ڪيرائي ميڙيون سڀ.

- ڏُک پائڻ جي ريس ٿئي،
ڪير ڏسون ٿو پهريون اچي؟

- جڏهن اچي امتحانُ ٿو ويجهو،
تڏهن اچي ڏيان پڙهڻ جو!

- مائٽ رکن ارمان وڏا،
خوش ٿيندا جي پورا ڪيا!

پري پڄو



- اهنڪار کان سيئي پري ڀڄو،
هَٽ، رانوڻ کي هو، موت ڏنو!


- مريادا پرشوتم رامُ هو،
۽ نمرتا جو سرتاجُ هئو.

- گوڙ شور کان سڀ دور ڀڄو،
شانت وايومنڊل ۾ رهو.

- ڏاڍُ اگر ڪو ڪري توهان تي،
منهنُ ڏيو، اُهو نہ سَهو!

- آهه ٻڇڻ ڪم، ڳيدن جو ئي،
”روشن!“ همت سان اڳتي وڌو!

سنگيتُ سِکوُن



اِسڪول ۾ ٿا سنگيتُ سکون،
ڳائڻ جو پڻ رياض ڪريون.

(۱)

سنگيتُ ٽيچر ايندو آهي،
سکيا اسان کي ڏيندو آهي،
ڳائڻ ۽ وڄائڻ سِکي وڃون،
محمد رفي ۽ مڪيش ٿيون،
اِسڪول ۾ ٿا سنگيتُ سکون...

(۲)

سورجَ جو سُر آهہ سُريلو،
ڳائي سگهي هوُ ٿو اڪيلو،
باقي ٻيا ٿا سڀ ساٿُ ڏيون،
اِسڪول ۾ ٿا سنگيتُ سکون...

(۳)

مان بہ سَين سان گڏجي ڳايان،
آنند مَنَ جو ائين ٿو پايان،
هر وشيہ ۾ هوشيارُ ٿيون،
اِسڪول ۾ ٿا سنگيتُ سکون...

ننڍڙو ويرُ



- ٻارُ عمر جو نہ خاص وڏو،
طاقت ۾ آ، پر وڏو گهڻو.

- ترڻ جي هنر ۾ آ، هوشيارُ،
ٻُڏندڙ، بچائڻ لئہ تيارُ.

- ڪوڙي کي تو سدا هوُ ڌڪاري،
نفرت سان ڪوڙي ڏي نهاري!

- سچ تان صدقي ساھہ ڏئي تو،
تڏهن مَمِي، پَپا پيارُ ڪري تو.

- نالو هُن جو رڻڌيرُ آهي،
تا چون سڀ، ننڍو وِيرُ آهي.

ڪمل ڪمارُ



- ڊوڙ ۾ آيو نمبر پهريون،
لکڻ پڙهڻ ۾ بہ نمبر پهريون.

- مٺڙ مٺڙ سُر ۾ ٿو ڳائي،
ڪلاسُ سڄو ٿو هوُ، ريجهائي.

- هوشيارَ جو، جي يارُ آ هوُ،
تہ ڪچن جو پڻ دوست پڪو هوُ.

- ڪلاس جو آ مانيٽر هوُ،
ڪنٽرول رکڻ ۾ پڻ ماهر هوُ.

- نالو هن جو آ ڪمل ڪمارُ،
سڀاوَ ۾ چڱ آهي بهارُ

جوت جلي



- دولهہ ديوَ جي تي جوت جلي،
سَچ جي پريرڻا تي اُن مان ملي.

- برهما جو چڻ روپ اُهو آ،
دل سان ڏيائون، ڪلياڻ ڪندو آ.

- صدق سچي سان ياد ڪري جو،
من جون مُرادون تو پائي سو.

- ٻارو! جوت سدا نيم سان ٻاريو،
شرڌا سان ڪجهہ قولَ بہ چاڙهيو.


- اشٽ ديوُ هر قوم کي آهي،
وشواس اسان جو لالَ ۾ آهي.

ڀاڄيون



- ڀاڄين ۾ پون گرم مصالا،
ڏين تڏهن سي، سواد نرالا!
- هر ڀاڄيءَ ۾ پون ٽماٽا،
اهڙو ئي ڪم ڪن ٿا پٽاٽا.
- ڀاڄين کي ڏين ٽيسٽ انوکي،
ساوا مرچ ۽ ڦودنو، ڌاڻا.
- هر ڀاڄيءَ ۾ لڳي ڀڳي ٿو ڪپي،
بنا بصر جي نه ٿين گذارا!
- جتي به سنڌي ٿا يارو! هجن،
سائي ڀاڄيءَ جا روپ پيارا!
- بيهُه ته آهي نِج سنڌين جو-
هاڻ سيئي ڪائڻ وارا!
- واڱڻ توڙي تريل ڪچالو،
ڪِن وٽ ئي، سي دل وارا!
- ڪؤڙا ڪريلا پر، تريل وٽن،
جي نه کائن ٿا، سي ويچارا!
- ٿومَ شُڪل ۽ ادرڪ سان ٿي،
وائي، بادي ڪري ڪنارا!

جَسُ وَنو



- ٻارو! رکو سڀ سُٺياءُ منو،
وَڏِن لئہ آدر ڀاءُ رکو.

- ڪيو نہ ٻارو! ڪَمَ ڪوبہ ڪسو،
سُٺي ڪرم جو سڀ ئي جَسُ وٺو.

- رُخو رُخو رُخ تو ھلي ھو.
ڀاءُ، ڀاءُ ڪان اڄُ چو آ رُٺو؟

- جي ڪيرٽيءَ سان دل ٻارو! رکو،
ڏِسو ڪڏھن ڪائي ڏُڏَ جو منو!

- ڪم ھن آ ڪيو چا لاءِ ڪسو،
ھاڻ اچِي خود ئي آھي منو!

- ڪوڙن جي ڳالھہ چو ٻُڌو،
ٿيندو آ سدا، سوادُ ڪٿو.

پهريدار



- ٻار! ڏسو هوُ ڏوَ چوڪيدارَ،
ڏا ڏين پهرو، سڏجن پهريدارُ.

- دڪان بزار جا بند ٿين ٿا،
رات ڏهين کان پهرو ڏين ٿا.

- چورن کي اچڻ اصل نہ ڏين،
رات سڄي ڏا سُجاڳہ رهن!



- پڳهار ڏين ڏا واپاري،
ڳالهہ اِها آهي وهنواري!


- جوکم بہ ڪڏهن هنن کي آ،
مار بہ چورن جي سَهڻِي آ.

- لٺ هوندي پهريدار جي هَٿِ،
ڀڄي وڃن ڏا چور تہ جهتِ پَٽ.

- هٿيار ڪڏهن ڪڍي اچن ٿا،
مارَ ڏئي، چوري ڪري وڃن ٿا.

مزو اچي...



- وگيان يُگ آهي ڪئي ترقي،
ننڍيءَ وڏيءَ ماتا جي تي ڇُٽي.

- گهر ۾ هاٽي ڪٽ لولا پچن؟
ڌارڻ ماتا، ڪين ڇنڊا هٽن.


- پر ٿڌڙي تي جڏهن ٻه اچي،
منڙيون لوليون، مَن ڪائي ٺري!

- نيرڻ تي ڪائون ڏُڳَلَ سَنيون،
ڪائي چون ٿا، ’سي خوب وٽيون‘.

- سيرو سوجيءَ جو ڪڏهن ملي،
نيڻ جو پو ٿو بس، مزو اچي.

- ميٿيءَ پڪوڙا ڪڏهن نهن ٿا،
چانهه سان گڏ سي، خوب وٽن ٿا.

ميڙ



- گهرَ ناهي ٿا جِت ماڻهو رهن،
تنهن کي ٻارو! ٿا بَستي چون.



- ٻارَ جتي گڏ گهڻا ٿين ٿا،
تنهن کي ٻارو! ٽولو چون ٿا.

- سپاهي ٽولن ۾ جتي رهن ٿا،
لشڪر اُن کي ئي تہ چون ٿا.

- وديارٿين جا ڪلاس هجن،
اُن کي ٻارو! اِسڪول چون.

- وَڻ، ٽڻ گهاٽا گهڻا هجن،
تنهن کي جهنگل ٿا نالو ڏين.

ڀِنِ ڀِنِ ميوا

- انبُ ته ميون جو راجا آ،
ملندو اونهاري هر جا آ.

- صوف سان پر صحت نهي تي،
واڌِ اسان جي رت ۾ اچي تي.

- ڏاڙهو ڀي رَتُ کي تو وڌائي،
ڪنو منو ئي وڻندو آهي.

- ڪئلشم ڪيلي ۾ تئي تي،
مضبوط هڏا اُها ڪري تي.

- انگور به ميوو سڏبو آهي،
کائون ته لطف ڏيندو آهي.

- انجير به رتُ کي وڌائن تا،
ننڍا، وَڏِ ۾ لتڪائن تا.



پسند الڳ الڳ

- ٻارن کي وڻن ٿا ٿولَ مٺا.
پر، وڏيڪ وڻن ٿا ٻيرَ کٽا!

- ڦاڙوان ٻہ کائن کٽا مٺا،
کن جي پسند انگور کٽا!

- چھر بھر يِپي تن کي ٿي وڻي،
کائي موھن گول گپا نري!

- گھر ۾ نھي جي گجر جو سيرو،
وڏيڪ خوش ٿو ٿئي ھيِرو.

- ٻبلي ننڍڙي کائي جليبي،
کائي پوءِ نچي البيلي!

- ڪميا ٿي کائي ڪيروليوُن،
پوءِ تہ ٻُجھي وٺي پروليوُن.

پهرين چونڊبو آهي...



- ليفٽ رائيٽ ليفٽ رائيٽ ٿو ڪري،
هو اين. سي. سي. گروپ ٽڪڙو ٿو هلي.

- پنهنجي ڪلاس گائيڊ بڻيو آ،
۽ گروپ سڄي ۾ مشهور ٿيو آ.



- ڪئمپ جڏهن پيءِ اِسڪول ٿو لڳائي،
سٽيش پهريون چونڊبو آهي.

- اُتي به پَريڊ آفيسر کي پيارو،
خوش ٿيندو آ، ڏسي ڪم نيارو.

- جهامن ۽ ڪُندن سان ياري اٿس،
مشڪل ۾ ملندي دلداري اَٿس.

- وئڪيشن ۾ به تن سان گُهمڻ وڃي ٿو،
اُتي به وِندُرَ هِنَنِ ساڻُ ڪري ٿو.

سازُ


- ٻارو! سازَ ڪا ٽين گهڻيئي،
پيارا پنهنجي ڏُنَ ڪان سيئي.

- بنسريءَ ۾ ڪا ٽين سوراخُ،
واتَ آڱر سان ٽين آواز.


- بينَ ٻہ وات تي رکي هلايون،
ڦوڪي هوا سُرَ ڪڍندا آهيون.

- هارمونيم جا ٽين سَتَ سُرَ،
سنگيت جي جاڻ ڏين سڀ سُرَ!

- هامونيم تي هٿُ جڏهن هلي،
هر ڀيري سُرُ ٽو نئون نکري.

- باجو، بينَ ٻہ ساز ڪا ٽين،
اِنسان ٻُڌي مست ڪا ٽين!

- موهنِ ماڻهن، پکي پَسُن کي،
وڻن اُهي راڳا ۽ سکين کي!



Name : Dr. Roshan Lakhmichand Golani

Date of Birth : 29-5-1972 ,Ahmedabad

Education : M.A. , Ph. D

Career : Writer, Artist, Translator, Calmist etc

Thesis : "Family & Society and Critical Study of Researched folk Litrature of Dr. Jetho Lalwani's Litrature"

Literary Books Published :

1. Sindhu Varso - 1994
2. Rangbi Rangi Gul-2007
3. Mithri Mithri Lat -2010
4. Roshan Awaz - 2011
5. Roshan Tara - 2012
6. Thesis : "Family & Society and Critical Study of Researched folk Litrature of Dr. Jetho Lalwani's Litrature" - 2014
7. Rang bi Rangi Popat (Edited)
8. Muhag (Edited)
9. Adabi Tabsara (Edited)
10. sangh Darshan (Translation 2014)
11. Roshan Barana Bol - 2015

Research Papers : 1. Akhil Bharat Sindhi Yuva samelan, Indore. Role of Sindhi Youngesters in the promotion of Sindhi Language

2. Akhil Bharat Sindhi Boli Sahit Sabha Jaipur's All india Literary Seminar "Role of Sindhi Young Writers in last Decate."

3. Bhartiya Sindhu Sabha, Mumbai National Literary Seminar. "Role of New Sindhi Writer in Promotion of Sindhi Literature

Awards : Best Literary Books Awards by Sindhi Sahitya Academy, Govt. of Gujarat Gandhinagar

1. Sindhu Varso - 1995

2. Rangbi Rangi Gul-2008.

3. Mithri Mithri Lat -2009

4. Roshan Awaz - 2012

5. **YUWA GORAV PURSKAR - 2008 FIRST IN INDIA**
Gujarat Sindhi Sahitya Academy, Govt. of Gujarat. Gandhinagar

6. **NAGRIC SANMAN - 2013**
Ahmedabad Munncipal Corporation

7. **Master Chander Award-2012**

Add. : **Dr. Roshan Golani**
1- Aditya Bunglows, Inside Prem Prakash Ashram, Noble Nagar,
P.O.Kubernagar,Ahmedabad-40.
M. : 09328784544
Email : roshangolani1@yahoo.com